# Paras II

# پارس

( ڀاڱو ٢ )



Melaram Vaswani

ميلارام واسواڻي

# آکاڻين جي فهرست


| آکاڻي | صفحو |
| --- | --- |
| ١- ويرو بهادر | ١ |
| ٢- مهاجني داءُ پيچ | ١٣ |
| ٣- ٺگن سان ٺڳ | ١٩ |
| ٤- سيٺ ۽ ساڌو | ٢٥ |
| ٥- چيڙاڪ جي ڳالهه | ٢٨ |



هي رسالو مسٽر ميلارام منگترام واسواڻي،
سندر پريس ڪراچي ۾ ڇپي سندر ساهتيه
پبلشنگ هائوس ڪراچي پاران پڌرو ڪيو.

# ويروُ بهادر

ويروءَ نالي هڪ شخص نوڪريءَ جي ڳولا ۾ گهر کان ٻاهر نڪتو. هڪ جهنگل ۾ کيس اَچي رات پيئي. ويروءَ خيال ڪيو ته هن جهنگل ۾ ئي رات گذارڻ گهرجي. اِهو سوچي هڪ وڻ جي هيٺان ليٽي پيو. اوچتو دل ۾ چوڻ لڳو، "يار ويرو! رات جو هتي ڪو جانور اَچي ته پوءِ ڇا ڪندين؟" ايتري ۾ سندس نظر وڃي هڪ ڪڪائينءَ جهوپڙيءَ تي پيئي جا ڪانئس ٿورو پري هئي. دل ۾ چوڻ لڳو، "ٻچا! جي ڪو جانور آيو ته جهوپڙيءَ ۾ پهچي ويندس. پر جي پهچڻ جو وجهه نه مليو ته وڻ مان هڪ ٽاري پٽي کيس اهڙي ميهڇالي تي ڦهڪائيندس جو ساري عمر ياد ڪندو." اهو سوچي هن خوب زور سان ٿهڪ ڏنو. ٿوري وقت، کانپوءِ کيس ننڊ اچي ويئي

ايتري ۾ ٻه ڳڏه چرندا چرندا اچي اُتي پهتا ۽ زور سان هينگوُن ڏيڻ لڳا. ويروءَ سمجهيو ته شايد مندر ۾ ڪير سنک وڄائي رهيو آهي. پر وري خيال آيس ته هتي مندر وري ڪٿان آيو؟

اِهو سوچيندئي سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. آخر هڪ اکر ڪولي ڏنائين تہ مار! ہہ گڏه بيٺا آهن. بس پوءِ تہ هڪدم وڻ مان ٽاري ڀڃي اچي سندن پٺيان پيو. گڏه زور سان هينڱوُن ڏيندا ڀڄڻ لڳا.

گڏهن کي ڀڄائي ويرو وري اچي سمهي پيو. اڃا گهڙي ئي ڪين گذري تہ ڪيس وري گڏهن جون هينڱوُن ٻڌڻ ۾ آيون. هاڻي ويرو خيال ڪرڻ لڳو تہ ڇا ڪريان؟ هي گڏه تہ مونکي ننڊ ئي ڪرڻ ڪين ڏيندا. ايتري ۾ سندس نظر سامهون جهوپڙيءَ تي پيئي ۽ ڪيس هڪ اُپاءُ سجهي آيو. هن ٻنهي گڏهن کي جهلي ڪٽي اُن جهوپڙيءَ ۾ بند ڪيو. بس پوءِ تہ ٿنگون تيڙي موج ۾ سمهي پيو.

(٢)

ويروءَ کي صبوح جو سوير اُٿڻ جي عادت هئي. اڄ بہ هوُ سوير اُٿيو. اٿنديئي هن ڏٺو تہ هڪ پراڻي وڻ تي بہ چبرا ويهي ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ويروءَ کي خبر هئي تہ صبوح جو چبرا ڏسڻ سنو سوڻ آهي. انهيءَ ڪري هو چبرن جي

ڇرسان آيو ۽ انهن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو.

هڪ ڇٻرو چوڻ لڳو، "ڳالهه خوب سوچي سمجهي چوڻ گهرجي."

ٻئي چيو، "مصيبت جي وقت گهٻرائڻ نه گهرجي." ائين چئي ٻئي ڇٻرا اُڏامي ويا. هٽ منهن ڏوئي ويرو ۽ شهر ڏانهن رخ ڪيو.

سنت ئي ويرو شهر ۾ اچي پهتو. رستي ۾ هن راجا جو محل ڏٺو. پاسي ۾ ئي هڪ باغيچي ۾ راجا سير ڪري رهيو هو. ويرو ۽ کي هڪدم سڃاڻي ورتو ته هي ۽ راجا آهي، ڇاڪاڻ ته هن ٻڌو هو ته راجا جون مڇون تمام ڊگهيون ۽ سنهيون آهن ۽ بدن ۾ ٿلهو آهي.

ويرو راجا کي ڏسي دل ۾ چوڻ لڳو، "يار ويرو! وجهه نه وڃاءِ. توکي نوڪري کپي. راجا سامهون بيٺو آهي وڃي عرض ڪرينس." اهو ويچار ڪري راجا جي اڳيان آيو ۽ گوڏا کوڙي، هٿ جوڙي ويهي رهيو.

راجا پڇيو، "توکي ڇا گهرجي؟"

راجا جو آواز ٻڌي ويرو البت ڊنو. پر وري جي همت رکي چوڻ لڳو، "مهاراج! مونکي

نوڪري ڪبي."

راجا - تون ڪهڙو ڪم چاڻندو آهين؟

ويرو - مهاراج! مان پنهنجي زبان سان پنهنجي ڪهڙي وڏائي ڪريان. پر جيڪڏهن مونکي وجهه ڏيندا ته مان پنهنجا گڻ ظاهر ڪندس. جيڪو ڪم بيا درباري نه ڪري سگهندا اُهو مان ڪندس."

راجا - تڏهن ته تون ڏاڍو ڪمائتو آهين. چگو پگهار گهڻو وٺندين؟

ويرو - مهاراج! مونکي وڌيڪ ڪجهه نه گهرجي، فقط ڪاڏوءِ ڪپڙو وٺندس. باقي اوهانکي جيڪي وڌيڪ وڻي سو ڏجو.

"چگو" چئي راجا ويروءَ کي پنهنجي نوڪرن ۾ داخل ڪيو.

(۳)

اهڙيءَ طرح ويروُ راجا وٽ نوڪر بيٺو. هڪ ڏينهن هڪ ڏوبياڻي راجا وٽ آئي ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳي، "مهاراج! بارهن ڏينهن اڳه منهنجا ٻه گڏهه گم ٿي ويا آهن. سڄو شهر گهوليو اٿم. آسپاس ٻه چوڌاري ماڻهو موڪليا اٿم پر

سندن پٽ نٿو پوي. مهاراج! مون غريب جي هاڻي توهين مدد ڪريو."

راجا چيو، "چڱو، تون گهر وڃ. مان پاڻهي گڏه توٽ موڪليندس."

راجا گڏهن جي پٽي لڳائڻ لاءِ درٻارين کي حڪم ڏنو پر ڪو به ڪڙ ڪيل ڪين نڪتو. آخر راجا ويروءَ کي پاڻوٽ سڏايو ۽ چوڻ لڳو، "ٻڌاءِ، ته ڌوٻياڻيءَ جا گڏه ڪٿي آهن؟ توکي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيان ٿو."

راجا جي ڳالهه ٻڌي ويروءَ نمرتا سان وراڻيو. "مهاراج! ههڙي خسيس ڪم لاءِ فقط ٽن منٽن جي ضرورت آهي." ائين چئي ويرو اکيون بند ڪري ڪوڙا سچا منتر پڙهڻ لڳو. ٽن منٽن کانپوءِ اکيون کولي چوڻ لڳو. "اُهي گڏه فلاڻي جهُوپڙيءَ ۾ بند آهن."

راجا وائڙو ٿي ويو. پر ويروءَ کي خبر هئي ته اُهي ساڳيا گڏه آهن جنکي مون جهوپڙيءَ ۾ بند ڪيو هو.

راجا هڪدم پنهنجا ماڻهو موڪليا. گڏه لڌا. پس پوءِ ته ويروءَ جي ساراه سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي.

(۴)

هڪ ڏينهن راڻيءَ جي ڳلي جي مالها ڪم ٿي

ويئي. ڪيتري ڳولا بعد به اُن جو پتو نه پيو. آخر راڄا ويروءَ کي سڏايو ۽ کيس چيائين، "ويرا! تو کي انهيءَ هار جو پتو لڳائڻو پوندو."

ويچارو ويرو جي حضور، چئي روانو ٿيو.

ويرو هاڻي دل ۾ خيال ڪرڻ لڳو ته هيءُ ته آزار ٿيو. ڳڻهن جي ته مونکي خبر هئي پر هار جي مونکي ڪهڙي ڪل؟ ترت ئي ويروءَ کي ڇٻرن جي ڳالهه ياد آئي ته "سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي ۽ مصيبت وقت گهٻرائڻ نه گهرجي."

سڄو ڏينهن ويرو اُداس رهيو ۽ رات جو بيحال ٿي کٽ تي ليٽي پيو. پر فڪر سبب کيس ننڊ ڪٿي ٿي اچي؟ آخر دل بهلائڻ لاءِ هُو زور سان ڳائڻ لڳو:-

"اچ اچ ڙي ننڊرا،
سياڻي ڦاسيءَ کي چڙهبو."

ڪيتريءَ دير تائين هُو ائين ڳائيندو رهيو.

اهو هار هڪ ٻانهيءَ چورايو هو. انهيءَ جو نالو هو ننڊرا! هُو ويروءَ جي پرواريءَ کوٺيءَ ۾ رهندي هئي. ويروءَ کي ڳائيندو ٻڌي هوءَ گهٻرائجي ويئي. هن سمجهيو ته ويروءَ شايد مونکي سڃاڻي ورتو

آهي. گڏهن جو پٽو ٻڌائڻ ڪري ويروءَ کي هرڪو جولشي ڪري سمجهندو هو. ايتري ۾ ويرو وري ڳائڻ لڳو:-

"اڄ اڄ ڙي ننڍڙا،
سپاڻي ڦاسي تي چڙهبو."

ٻانهيءَ سمجهيو ته ويرو چوي ٿو ته سڀاڻي ٿوکي ڦاسي ڏياريندس. بس ويچاري ٻپ وڃان ويروءَ وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي، "ڀائي ويرو! مونکي معاف ڪر. هار برابر مون چورايو آهي. ڪنهن به طرح منهنجي جان بچاءِ." هار جي ڳاله ٻڌي ويرو وائڙو ٿي ويو پر ٻاهرين طرح چوڻ لڳو، "مونکي اڳيئي سڌ هئي. پر هاڻ ٿون معافي ٿي گهرين انلاءِ ٿوکي ضرور بچائيندس ٻڌاءِ ته هار ڪٿي آهي؟"

ٻانهيءَ ڏڪندي ورائيو، "راڻي جي سنان واريءَ جاءِ ۾ هڪ پٿر هيٺان رکيو آهي."

ويروءَ چيو، "بس، بس، مونکي منٿون به ائين ئي ٻڌايو آهي. ٿون سچي آهين. چڱو هاڻي ٿون وڃ پر خبردار اڳتي اهڙو ڪم نه ڪج."
ٻانهي هلي ويئي. ويرو بي فڪر ٿي سمهي پيو.

صبح جو ويرو اُٿي سنان ڪري راجا ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ايتري ۾ راجا جو نوڪر کيس سڏڻ آيو. ويرو راجا وٽ پهتو. اُنوقت راجا ماڻي کائي رهيو هو. ويروءَ کي ڏسنديئي راجا کانئس هار بابت پڇيو. ويروءَ وراڻيو، ”مهاراج! اوهين پڇو ٿا اُنلاءِ ٿورا ٿيا، پر مان نه ٿو ٻڌايان. ليڪن اڳتي اهڙين خسيس ڳالهين لاءِ مونکي تڪليف نه ڏجو. اِهو هار محل ۾ ئي آهي؛ سنان واريءَ ڪوٺيءَ ۾ هڪ پٿر هيٺان پيو آهي، اڳتي مونکي خواه مخواه تڪليف نه ڏجو.“

راجا کي ويروءَ جو گهمنڊ پريو ڳالهائڻ نه وڻيو. پر هن ڪجهه ڪين. جلدئي راجا هڪ ماڻهو موڪليو جو هار ڪڍي آيو. راجا وائڙو ٿي ويو ۽ هن ويروءَ کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو.

(٥)

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پرواري جهنگل ۾ هڪ شينهن اچي رهڻ لڳو. هو روز هڪ ٻن ماڻهن کي کائي ڇڏيندو هو. شهر ۾ هاهاڪار مچي ويو. اهو حال ڏسي راجا ويروءَ کي گهرايو ۽ چيائين ”منتري جي! شينهن کي مارڻ لاءِ ڪو اُپاءِ

سوچڻ گهرجي."

ويرو جهٽ پٽ جواب ڏنو. "مهاراج! اوهين ڪابه چنتا نه ڪريو. مان اڄ شينهن کي مارڻ وڃان ٿو."

ويرو اڪيلو ئي هليو ويو پر ڪرت ئي سوچڻ لڳو ته شينهن جو شڪار ڪرڻ ڪو چرچو ڪونهي. مون ڪڏهن گدڙ جو شڪار به ڪو نه ڪيو آهي. ايتري ۾ ويروءَ کي ڇپري جي ڳالهه ياد آئي ته "مصيبت جي وقت گهبرائڻ نه گهرجي."

شام جو ويرو شينهن جي شڪار لاءِ جهنگل ۾ ويو ۽ هڪ وڻ جي هيٺان بيهي سوچڻ لڳو ته هاڻي ڇا ڪريان؟ ايتري ۾ ڪيس پريان گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آئي. گجگوڙ ٻڌي ويرو جهٽ پٽ وڻ تي چڙهڻ لڳو. پر جڏهن وڻ تي چڙهي ويو هن، انهيءَ ڏپ وچان ته ڪري نه پوان، هن پنهنجو پٽڪو لاهي پاڻ کي وڻ سان قابو ٻڌو. ايتري ۾ شينهن به وڻ هيٺان پهچي ويو ۽ شور سان ويروءَ ڏانهن نهاري گجگوڙ ڪرڻ لڳو. بس ويچاري ويروءَ جو ته چڙ ساهه ئي نڪري ويو. هو اکيون بند ڪري وڻ کي چنبڙي پيو ۽

"اماڙي، باباڙي" چئي زور سان واڪا ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ هوا جو تيز جهوٽو لڳو ۽ ويرو جي چادر اُڏامي وڃي شينهن جي منهن مٿان پيئي. شينهن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هو متوالن جيان جوش وچان هيڏانهن هوڏانهن ڇال مارڻ لڳو ۽ گجگوڙ ڪرڻ لڳو. ويچاري ويرو جا هٿ پيرا ٿي ويا، ۽ ٽنڪو ڇڙي پيو ويرو ڏڙام ڪري اچي پٽ تي پيو. ڏڙام جو آواز ٻڌي شينهن انڌ ۾ زور سان ڇال ماري. اوچتو سندس مغز پرسان رکيل هڪ وڏي پٿر سان لڳو ۽ راڙ ڪري ڪري پيو ۽ مري ويو. ٻڌپ جو ماريو ويرو له بيهوش ٿي ويو. جڏهن سجاڳ ٿيو تڏهن ڇا ڏسي ته شينهن سندس چادر ۾ ڦاٿو، مئو پيو آهي.

شينهن کي مئل ڏسي ويرو ڏاڍو خوش ٿيو. هڪدم شينهن جو ڪن ۽ پڇ ڪپي سڌو پنهنجي گهر ويو ۽ وڃي سمهي پيو. ٻئي ڏينهن شينهن جي مرڻ جي ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي. راجا ويرو کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس وڏا انعام اڪرام ڏيئي سپهه سالار مقرر ڪيائين ۽ سندس نالو ويرو بهادر رکيائين.

(٦)

شينهن جي شڪار ڪان پوءِ ٿورن ڏينهن بعد هڪڙي دشمن انهيءَ شهر تي چڙهائي ڪئي. هنکي وڏي فوج ساڻ هئي. راجا بلڪل ڊڄي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته صلح ڪجي ته بهتر. انهيءَ فيصلي لاءِ هن سڀني وزيرن کي ڀاڙوٽ گهرايو. وزيرن مان هڪ ٻڍي راجا کي چيو "اوهين ڊڄو ڇو ٿا؟ ويرو بهادر جو ويلو آهي."

ويروءَ جهٽ پٽ وراڻيو. "هائو مهاراج! اوهين ڪابه چنتا نه ڪريو. مون سمورو بندوبست ڪيو آهي. اوهين وڃي آرام ڪريو."

آخر ويرو اڪيلو دشمن سان لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. دشمن جي فوج جهنگل ۾ ديرو ڄمائي ويٺي هئي. ويرو بهادر هڪ گهوڙي تي چڙهي انطرف رخ رکيو. ايتري ۾ تيز طوفان شروع ٿيو ۽ هڪ وڻ جي، ٽاري ڪري اچي ويروءَ جي اڳيان پيئي. اهو ڏسي ويروءَ کي هڪ اُپاءُ سجهي آيو. هن پنهنجي منهن تي هڪ ڪارو پٽا پٽي ڪپڙو ٻڌو ۽ هٿ ۾ اُها ٽاري کڻي گهوڙي کي دشمن طرف وڌايو.

دشمن جي سپاهين جڏهن ويروءَ کي ايندو ڏٺو

ٽڏهن سمجهائون ته شايد ڪو راڪاس هٿ ۾ وڻ جي ٽاري ڪٽي اسانکي مارڻ لاءِ اچي رهيو آهي. اهو سوچي هوُ اُٿي ڀڄڻ لڳا. دشمن کي ڀڄندو ڏسي ويروءَ جي همت وڌي ۽ زور سان واڪا ڪري سندن پٺيان وڃڻ لڳو.

جڏهن دشمن جي فوج ڀڄي ويئي ٽڏهن ويرو بهادر ميڄون مروٽيندو راجا وٽ موٽي آيو ۽ کيس دشمن جي ڀڄڻ جي خبر ٻڌايائين. ويروءَ جي بهادري ڏسي راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سڄو راڄ کيس ڏيئي پاڻ جهنگل ۾ هليو ويو. بس پوءِ ته ويرو راجا بڻجي خوب شان مان سان رهڻ لڳو.

| ترجمان | اصل ليکڪ:- |
|---|---|
| گورڌن (محبوباڻي) | آتمارام ديوڪر |

# مهاجني داءُ پيچ
(شاهوڪاري حرفتون)

لالاچيلداس هڪڙو شاهوڪار مهاجن هو. هوُ ماڻهن کي وياج تي روپيه ڏيندو هو. انهيءَ مان هوُ مالا مال ٿي پيو هو. سندس چالاڪيءَ کان سڀيئي ماڻهو ڏڪندا هئا. ڏهن مان ويهه ڪرڻ ۾ سندس ڏائي هٿ جو کيل هو.

لالاجي جي گهرجي پرسان هڪڙو چيترنالي ڪنيار رهندو هو. هوُ ڪڏهن ڪڏهن واندڪائيءَ مهل لالاجيءَ وٽ وڃي ويهندو هو. هڪڙي ڏينهن چيترڏٺو ته لالاجي ڪنهن آساميءَ کي سمجهائي رهيو آهي. "توُن گذريل سال پنجاهه روپيه ۽ ڏهه سير اناج وٺي ويو هئين؛ وياج سوڌا ڪل سؤ روپيه ٿيا. ٻڌاءِ ته ڪڏهن ڏيندين؟" آساميءَ چيو "مالڪ! هاڻي جلدئي ڏيندس."

لالاجيءَ چيو "ڀائي مون توکي ٻڌائي ڇڏيو. اڳتي توُن چاڻ تنهنجو ڪم ڄاڻي. جيڪڏهن هن مهيني روپيه نه ڏيندين ته ٻه پيسا روپئي جي حساب سان وڌيڪ وياج ڏيڻو پوندءِ."

"چڱو مالڪ - ڪڏان نه ڪڏان پوراڻو ضرور

ڪندس.“ اڳين چئي قرضدار هليو ويو.

آساميءَ جي وڃڻ بعد چيتر لالاجيءَ کان پڇيو "لالاجي هڪڙي سال ۾ پنجاهه جا سؤ روپيه ڪيئن ٿيا؟"

لالاجيءَ کلي چيو "پائي چيتر! هي مهاجني داؤ پيچ آهن. اهي ڳالهيون ٻچا ڇا ڪندين؟"

چيتر چيو "لالاجي! اهي ته تمام سٺا داؤ پيچ آهن جو بنا ڪجهه ڪرڻ جي سال ۾ ٻيڻا روپيه ٿي پون ٿا. مونکي به ڪو اهڙو هڪ اڌ داؤ پيچ سيکاريو."

لالاجيءَ چيو "پائي! تون مهاجني داؤ پيچ سکي ڇا ڪندين؟ پنهنجا ٿانو ڌاهه ۽ اُنهيءَ مان پنهنجو ڪم هلاءِ."

چيتر هاڻي پلا ڪيئن ٿو مڃي. هن لالاجيءَ کي چيو "نه لالاجي! توهان مونکي مهاجني داؤ پيچ ضرور سيکاريو. ٿانون ڌاهڻ ۾ ته مونکي ڪجهه به نٿو بچي."

چيتر جو هٺ ڏسي لالاجي کلي چيو "چڱو پائي! جڏهن تون نٿو مڃين، تڏهن مان توکي

---

مهاجني = شاهوڪاري. داءُ پيچ = حرفتون.

مهاجني داءُ پيچ سيکاريان ٿو. تون ھڪڙو ڪم ڪري سگھندين؟"

چيتر پڇيو "ڪھڙو ڪم؟"

لالاجيءَ چيو "مونکي ڏھن پندرھن ڏينھن ۾ مٿيءَ جا اَيائي سؤ روپيہ ڏئي ڏي."

چيتر چيو "اِھا ڪھڙي وڏي ڳالھہ آھي. مان توھان کي پنج سؤ ڏيندس."

لالاجيءَ چيو "بس جڏھن تون روپيہ تيار ڪري ڏيندين تڏھن مان توکي داءُ پيچ سيکاريندس. جلدي ڪجانءِ."

"تمام چڱو" چئي چيتر پنھنجي گھر آيو.

اٺن ڏينھن کان پوءِ لالاجيءَ پنھنجي نوڪر کي موڪليو ۽ چيائينس "وڃي چيتر کان پڇ تہ لالاجيءَ جا اڍائي سؤ روپيہ تيار ٿيا؟"

نوڪر چيتر جي دروازي وٽ وڃي زور سان پڇيو "چيترمل! لالاجيءَ مونکي موڪليو آھي. سندس اڍائي سؤ روپيہ تيار ٿيا آھن يا نہ؟"

چيتر اُتان ئي چيو "لالاجيءَ کي چئجانءِ تہ چئن پنجن ڏينھن ۾ تيار ڪري ڏيندس."

نوڪر ھليو ويو.

هاڻي لالاجي روز نوڪر کي چيتروٽ موڪلڻ لڳو. نوڪر سيٺي جي اڳيان چيتر کان روپين جي تقاضا ڪندو هو ۽ چيتر ٻه ٽن ڏينهن ۾ تيار ڪري ڏيڻ لاءِ وڏي واڪي انجام ڪندو هو.

ٻن ٽن مهنن کان پوءِ لالاجي چيترجي نالي ڪورٽ ۾ اڍائي سؤ روپين جي دعوا ڪئي. دعوا جي سمن ايندئي چيترجو هوش اُڏامي ويو. هو ٻوڙندو ٻوڙندو لالاجي وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو ”لالاجي هي سمن ڇا جو آيو آهي؟“

لالاجي چيو ”ڪورٽ ۾ پڇج. مونکي ڪابه خبرنه آهي.“

ويچارو چيتر وسوٽي موٽي آيو. ڪورٽ جي تاريخ ڏينهن چيتر عدالت ۾ حاضر ٿيو. جج کانئس پڇيو ”تو لاچارئ سبب اڍائي سؤ روپيه ورتا آهن؟“

هن چيو ”سرڪار، مون اڍائي پيسا به نه ورتا آهن. مونکي ڪابه خبرنه آهي.“

لالاجيءَ سندس پاڙي جا اٺ ڏهه ماڻهو شاهديءَ ۾ پيش ڪيا. سيني چيو ”اسين لالاجي جي ماڻهوءَ کي روز چيتروٽ اڍائي سؤ روپين جي تقاضا ڪندو ڏسندا هئاسين. ۽ هو ٻه ٽن ڇئن ڏينهن ۾ تيار

ڪري ڏيڻ جو واعدو ڪندو هو. باقي اِها اسانکي خبر نہ آهي تہ روپيہ ڏنا ويا آهن يا نہ."

شاهدن جي شاهدي بڌي جج چيتر کي ٽن سون روپين جي بڪري ڪئي ۽ کيس چياءِ "توکي وياج سوڌا ڪل ٽي سؤ روپيہ ڏيڻا پوندا."

اِهو بڌي چيتر تمام زور سان روئڻ لڳو. چياءِ "سرڪار! مون تہ مهاجني داؤ پيچ سکڻ لاءِ مٿيءَ جا اَيائي سؤ روپيہ ڏاهي ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو."

اِهو بڌي جج تمام وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. هن چيو "اڙي مورکہ! مٿيءَ مان ٽاڻو ٽيندا آهن يا روپيہ؟ جيڪڏهن اها ڳالهہ آهي تہ هي ٽي سؤ روپيہ لالاجيءَ کي مهاجني داؤ پيچ لاءِ سيکارڻي ڏيڻي پوندءِ. مهاجني داؤ پيچ ڇا مفت ۾ سکبا آهن؟"

لالاجي ٽن سون روپين ۾ سندس ڳانءِ مينهن سڀ نيلام ڪرايا ۽ کلي چياءِ "چيتر! هيءَ تہ پهريون مهاجني داؤ پيچ آهي. بڌاءِ وڌيڪ سکندين؟"

چيتر اِهو بڌي لالاجيءَ جي پيرن ڪي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو "سائين، مون توبهہ ڪئي.

هڪڙي داءُ پيچ سکڻ ۾ ئي مان ڪنگال ٿي پيس. مونکي اهڙا داءُ پيچ نہ گهرجن."

لالاجيءَ ڪلندي ڪلندي چيو "بس، هاڻي ڪڏهن پلجي بہ مهاجني داءُ پيچ سکڻ جو نالو نہ وٺج. ٿاڻو ٺاهي پنهنجو گذران ڪج."

ائين چئي هن سندس گانءِ مينهن موٽائي ڏنيءِ،

# ٺڳن سان جٽ

هڪڙو ماڻهو ڏاڍو چالاڪ هوندو هو. سندس نالو هو جڳوُ. هڪڙي ڏينهن شهر کان گهر موٽندي وقت کيس رستي ۾ شام ٿي ويئي. هوُ گهر نه پهچي سگهيو. رستي ۾ جنهن گهر ۾ کيس ٽرسڻو پيو اهو ٺڳن جو هو.

جڳوءَ کي ڏسي ٺڳ ڏاڍا خوش ٿيا. هنن سمجهيو ته اڄ سٺو شڪار ڦاٿو آهي. هاڻي رات جو کيس ٺڳيندا سين. رات جو کاڌو کائڻ بعد ٺڳ اچي جڳوءَ جي پر ۾ ويٺا ۽ سائس ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳا. ٿوري وقت کان پوءِ هنن جڳوءَ کي چيو "ڏس، سامهون واري کوه کي ٻاهه لڳي آهي جيڪڏهن اِها ڳالهه سچي آهي ته تون اسانکي ٻه سؤ روپيه ڏي جيڪڏهن ڪوڙي آهي ته ٽي سؤ رپيه ڏي."

جڳو ڇا ڪري؟ ويچارو وائڙو ٿي ويو. اهو سوچي ته ٿورا رپيه ڏيڻا پون هن اُها ڳالهه مڃي. ته کوه کي ٻاهه لڳي آهي ٺڳن جڳو کان ٻه سوءِ

روپيه ورتا. جگو به ڪجهه اهڙي ڳالهه سوچڻ لڳو.
ايتري ۾ اُنهن ٺڳن جي پيڻ اچي اُنان لنگهي.
سندس نالو منڪا هو. هنکي ڏسي جگوءَ ٺڳن کي
چيو "هيءَ منهنجي زال آهي. جيڪڏهن اِها ڳالهه
سچي آهي ته پنج سؤ روپيه مونکي ڏيو ۽ جيڪڏهن
ڪوڙي آهي ته ست سؤ روپيه مونکي ڏيو."

ٿورا روپيه ڏيڻا پون انڪري ٺڳن چيو "ها،
اها ڳالهه سچي آهي." هيئنئر ته جگو ڏاڍو خوش ٿيو.
پنج سؤ روپيه وٺي هن چيو "توهان ته اها ڳالهه
مڃي آهي ته هيءَ منهنجي زال آهي، هاڻي مان
کيس پنهنجي گهر وٺي ويندس."

ٺڳ ڪجهه به چئي نه سگهيا. صبوح ٿيو ته
جگو روپين جي ٿيلهي کڻي ۽ منڪا کي پاڻ سان
وٺي پنهنجي گهر آيو.

ٺڳ ڏاڍو دل ۾ پوسرڻ لڳا ۽ جگوءَ کان انجو
بدلو وٺڻ لاءِ هڪڙي ڏينهن سندس گهر آيا. جگو
کي جڏهن خبر پيئي ته ٺڳ ٻاهر بيٺا آهن ته هن
پنهنجي زال منڪا کي چيو "تون اڄ ماني نه
ٺاهج. ٺڳن جي اڳيان مان توکي ماني نه ٺاهڻ
ڪري لڪڻ سان ڪوڙي مار ڏيندس ته تون

بيهوش ٿي وڃي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن مان لٺ گهمايان ته هوش ۾ اچي اُٿي ويهي.

منڪا کي اهڙين سيڪاري جڳو ننگن کي اندر گهرايو. سندس اچڻ تي اهڙيءَ طرح ئي ٿيو جئن مٿي ذڪر ڪيل. آهي لٺ جي ڪرامت ڏسي سڀ ننگ اُها هٿ ڪرڻ جي پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا. هنن جي گهڻي چوڻ تي جڳوءَ لٺ ايائي سون رو پين ۾ کين ڏيئي ڇڏي. لٺ کڻي خوش ٿيندا ننگ پنهنجي گهر آيا.

هڪڙي ڏينهن ننگن پنهنجن زالن تي لٺ جي آزمائش ورتي. نتيجو اهو نڪتو جو زالون مار کائي سڀ پٽ مري ويون. ننگن گهڻو ئي لٺ کي ڦيرايو پر وريو ڪي ڪين. هينئر ته هو جڳوءَ تي ڏاڍو بگڙيا.

ننگ وري جڳوءَ جي گهر روانا ٿيا. جڳوءَ کي اڳيئي هن ڳالهه جي خبر پيئي. هن منڪا کي چيو ”جڏهن مان ننگن سان نديءَ ۾ سنان ڪرڻ وڃان ته تون اڱڻ ۾ پاڻي وجهي ڏه ويهه مڇيون پڪيڙي ڇڏج باقي پوءِ مان پاڻيهي سمجهندس.“

ايتري ۾ ننگ به اچي نڪتا. لٺ جي ڳالهه

ٻڌائي جڳوءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. جڳوءَ پڇيو "توهان لٺ کهڙي هٿ ۾ کڻي مارڻي ۽ کهڙي هٿ سان ڦيرائي." تڏهن چيو "ڏائي هٿ سان."

"بس، اها ته غلطي ٿي. توهان کي ٻئي کم ساڄي هٿ سان ڪرڻ کپندا هئا. خير هاڻي پڇتائڻ مان ڇا ورندو. هلو ته نديءَ مان سنان ڪري اچون ۽ پوءِ هلي ڪجهه کائون پيئون

ائين چئي جڳو کين ندي ڪناري وٺي ويو. تڏهه ويچارا پنهنجي غلطي سمجهي ماٺ ۾ رهيا. سنان ڪرڻ کان پوءِ جڳو مڇيون مارڻ لڳو. تڏهن ڏٺو ته جڳو کهڙيءَ ٻنسي پاڻيءَ ۾ ٿي وڌي ۽ وري خالي ٿي ڪڍياءِ ۽ چوندو ٿي ويو "هٿ ماريان، گهر ڪرن، هٿ ماريان، گهر ڪرن."

اهو ڏسي تڏهه ڏاڍو حيران ٿيا. هنن جڳوءَ کان پڇيو ته هن ٻڌايو "ته هن ٻنسيءَ ۾ اها ڪرامت آهي جو مان هتي مڇيون ماريان ٿو ته اُهي منهنجي گهرجي اڱڻ ۾ ڪرنديون." تڏهن گهر اچي ڏٺو ته برابر اڱڻ ۾ ڪيتريون ئي مڇيون پيون آهن.

اِهو ڏسي سندن دل ٿي ته ٻنسي خريد ڪريون. هو جڳوءَ کان ٻنسي گهرڻ لڳا. هن چيو "ته پهرين لٺ وٺي ويا ته اُها غلط طريقي سان استعمال ڪيو ۽ ٻنسي

وٺي به ائين ئي ڪندا.“ نگن ڪيتري ئي خوشامند ڪئي ته هو هن جهڙن سون روپين ۾ اُها بنسي وڪڻي ڇڏي.

نگن بنسيءَ کي آزمايو. سندن گهر جي اڱڻ ۾ هڪ به مڇي نه ڪري. هن دفعي ته سندن ڪاوڙ جو انت نه رهيو. هنن جڳوءَ کي نديءَ ۾ ٻوڙي مارڻ جو ويچار ڪيو.

ٻئي ڏينهن اُٿي پڇنديئي هنن جڳوءَ کي پڪڙيو، ۽ هڪ ڳوڻ ۾ بند ڪري ڪيس نديءَ ڪناري وٺي آيا. ڪيس ڪناري وٽ ڇڏي هو ٻيڙيءَ جي تلاش ۾ نڪتا. ايتري ۾ هڪڙو ڌنار اچي نڪتو. جڳو ڳوڻ ۾ بند هوندي به پڻ ٻڻ ڪري رهيو هو. جڳوءَ جو آواز ٻڌي پڇيائين ته ”ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ جڳوءَ چيو ”هي ماڻهو لڪايتي آهن. پنهنجي جي ڀيڻ مونسان شادي ڪرائڻ ٿا چاهين. مان ان لاءِ راضي نه آهيان انڪري مونکي ٻوڙڻ جو خيال ڪيو اٿن. ٻيڙيءَ وارن کي وٺڻ ويا آهن.“

ڌنار مورکه هو. هن خيال ڪيو ته مان ڇو نه شادي ڪريان سو جڳوءَ کي ڳوڻ مان ٻاهر ڪڍي پاڻ اُن ۾ اندر ٿي ويٺو. ڳايون مينهون ۽ ٻڪريون

هڪاليندو جگو پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. هيڏانهن جڏهن تنهن گوڻ کي نديءَ ۾ ڦٽو ڪري موٽيا ته رستي ۾ ڪين ميڙهون ٻڪريون هڪاليندو جگو گڏيو. هو واڳڙا ٿي ويا. هنن جگو کان پڇيو "ته تون هتي ڪيئن آئين؟" جگو جواب ڏنو "جيڪڏهن توهين مونکي اچا به ٿورو اڳتي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ها ته مان هاٿي، گهوڙا ۽ جواهرات ڪٽي اچان ها."

تنهن کي ڏاڍي لالچ لڳي. هنن چيو "ته پوءِ تون اسان کي گهري پاڻيءَ ۾ ٻوڙ. اسان کي دولت ملندي. غريبي دور ٿي ويندي ۽ اسين مزي سان پنهنجا ڏينهن ڪاٽي سگهنداسين.

جگوءَ ته اهين ئي ٿي چاهيو. هن سڀني کي گوڻ ۾ بند ڪري نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو. هو سڀئي ٻڏي ويا.

اُن کان پوءِ جگوُ پنهنجي زال منڪا سان سک سانت سان رهڻ لڳو.

سچ چيو آهن ته عقل وڏي چيز آهي ۽ علم سان ئي عقل وڏي ٿو.

# سيٺ ۽ ساڌو

هڪڙو سيٺ روز ٻن ساڌن کي ڀوڄن ڪرائي پوءِ پاڻ کائيندو هو. هڪڙي ڏينهن ڇا ٿيو جو سيٺ کي هڪڙو به ساڌو نه مليو. انهيءَ ڏينهن سيٺ ڏاڍو ڏکي ٿيو.

آخر سيٺ ويچاريو ته مان ٿي منڊ جا ساڌو بازار مان وٺي اچان ۽ انهن کي ئي ڀوڄن لڳايان. سيٺ ائين ئي ڪيو. ٿي ڪنڌ جا ساڌو بازار مان وٺي آيو ۽ ٿي ٿالهيون پائي اُنهن جي اڳيان رکيائين. ان کان پوءِ پاڻ سنان ڪرڻ هليو ويو. اُن وقت اوچتو ٻي ساڌو اچي اُتان لنگهيا. سيٺ اُنهن کي ڀوڄن ڪرڻ جي پرارٿنا ڪئي. ٻيئي ساڌو راضي ٿيا.

سيٺ اُنهن سيني کي اوطاق ۾ وهاري پاڻ هڪڙي ضروري ڪم لاءِ ٻاهر هليو ويو. ٿوري وقت کان پوءِ ڪنڌ جا ساڌو ڏسي سيٺ جي ننڍي

ﭘٽ چيو ”اما! مونکي هڪڙو ساڌو ڏي.“

سندس ماءُ چيو ”ﭘٽ! هيئن نہ. جڏهن ٿنهنجو پيءُ ايندو تڏهن هڪڙو ساڌو مان گهرائينديس، هڪڙو ساڌو ٿون گهرائج ۽ هڪڙو ساڌو ٿنهنجو پيءُ گهرائيندو.“

اهي ڳالهيون ٿيئي ساڌو هيٺ وهي ٻڌي رهيا هئا. ٻڌنديئي هو ويچارا ٿيئي ڏڪي ويا ۽ ٻاهر نڪري ٽڪڙو ڀوڙڻ لڳا. ايتري ۾ سيٺ بہ آيو ۽ ٿنهي ساڌن کي ڀڄندو ڏسي پاڻ بہ سندن ﭘٺيان ڀوڙڻ لڳو.

سيٺ کي پنهنجي ﭘٽ ونندو ڏسي ساڌو تمام ٽڪڙو ڀوڙڻ لڳا. هنن پنهنجا ڪرمنڊل ۽ ٻيون شيون بہ ڦٽيون ڪري ڇڏيون ۽ ٽڪو ڀوڙڻ لڳا. سيٺ بہ پنهنجي جتي ۽ انگرچو ڦٽو ڪري سندن ﭘٺيان ٽڪڙو ڀوڙڻ لڳو.

ويچارا ساڌو سڀڪي ٻيا ۽ ڏکجي هڪڙي ٻنيءَ ۾ وڃي آسايش ورتائون ۽ چيائون ”هان ڪاڪ، جلدي ڪائي ڇڏ.“ اهي ڳالهيون ٻڌي سيٺ واڪڙو ڏي ويو ۽ چوڻ لڳو ”هان ڪاڪ، جلدي ڪائي ڇڏ، اهو ڇا ڏا ڇڏو؟“

ساڌن چيو ” تنهنجي زال ئي آ. چيو ٿي تہ هڪڙي ساڌوءَ کي مان کائيندس، هڪڙو منهنجو پٽ کائيندو ۽ هڪڙو تون کائيندين.“

سيٺ اهو ٻڌي تمام گهڻو کلڻو ۽ کين کنڌ جي ساڌن جي ڳالهہ ٻڌايائين. کنڌ جي ساڌن جي ڳالهہ ٻڌي ساڌن جي پيٺ ۾ ساهہ پيو ۽ پوءِ وڃي هنن سيٺ جي گهر پيٽ ڀري کاڌو.

# چيڙاڪ جي ڳالهہ

مٺرا ۽ ٻہ پائر چڳي ۽ مکن جي نالي رهندا هئا.ذات جا برهمڻ هئا.صبح جو سوير اُٿندا هئا ۽ ججمان جي تلاش ۾ نوين ڏهين ٻجي ٽاءِ گهمندا هئا. ڪو ججمان ملي ويندو هون تہ انڪي پاڻ سان گهروڻي ايندا هئا. پوڇن هوُ شام جو ٺاهنيدا هئا – جيڪڏهن ڪو شاهوڪار ججمان ملي ويندو هون تہ پوءِ ڪا چوڻ جي ڳالهہ ئي نہ آهي. اُنهيءَ ڏينهن سندن پنجئي گيهہ ۾ هونديون هيون. تمام گهڻا لڏون ۽ ريبڙي کائيندا هئا ۽ رات جو پير ٻگها ڪري بيفڪر سمهي پوندا هئا.

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي جو ٻئي پائر باغ ۾ پنگہ گهوتي رهيا هئا. هڪڙو ماڻهو اُلي آيو. چڳن سمجهو تہ ڪو شاهوڪار ججمان آهي. آهستي هوُ سندس پاسي ۾ آيو ۽ اچي چيائينس "ٻڌاءِ ججمان ڪٿان اچڻ ٿيو آهي؟"

هن غصي ۾ پرجي چيو "تنهنجو ان ۾

ڪهڙو مطلب ؟"

چگن چيو "توهان ته ناراض ٿي ويا. مون ته ائين پڇيو ته توهين ڪٿان آيا آهيو ۽ ڪهڙي ذات جا آهيو؟"

هن چيو "تون پنڊت آهين يا نائي ؟ پوليس جو آفيسر آهين يا نــه ؟"

چگن چيو "تون ڳالهائين ڪيئن ٿو ؟"

هن چيو " جيئن تون ٿو ڳالهائين تيئن مان ٿو ڳالهايان."

ايتري ۾ مگن آيو ۽ هو چگن کي پاڻ سان ٺي ويو. هن پڇيو "هيءُ ته ڪو شرابي ٿو ڏسڻ ۾ اچي" هن جواب ڏنو "شرابي نه آهي هيءُ ڪو چيڙاڪ آهي."

اهو ٻڌي مگن چيو "جيڪڏهن چيڙاڪ آهي ته مان کيس ٺيڪ ڪريان. چڙ جو مون وٽ پورو طب آهي تون هتي ويهي رهه. مان سندس نار ٿو ڏسان." ائين چئي هو وٽس آيو.

اُن وقت چيڙاڪ ڪپڙا لاهي سنان لاءِ تيار بيٺو هو. مگن کيس ڪلي چيو "ٻڌاءِ پائي سنان ٿو ڪرين ڇا ؟"

هن (غصي ۾ ڀرجي) چيو ”ڇا تون نائي آهين يا ڀنڊ؟“

مگن کي ڪجھ به خراب نه لڳو. هن چيو ”نائي نه آهيان. ٻڌاءِ تون ڪٿان ٿو اچين؟“

چيڙاڪ چيو ”ڇو، هوش ۾ نه آهين ڇا؟“

مگن چيو ”نه جناب، هوش ۾ آهيان. توهان جو نالو ڇا آهي؟“

هن چيو ”تنهنجو ان سان ڪهڙو مطلب؟“

مگن کلي چيو ”اوهه! ايڏو ڏگھو نالو. چڱو، ”تنهنجو اُن سان ڪهڙو مطلب“ جناب! هاڻي تون پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌاءِ؟“

چيڙاڪ چيو ”هٽ بيوقوف.“

”مگن چيو“ ”چڱو هٽ بيوقوف ”جا پٽ“ تنهنجو اُن سان ڪهڙو مطلب ”هاڻي پنهنجي ڳوٺ جو ته نالو ٻڌاءِ؟“

چيڙاڪ جي غصي جي ڪا حد نه رهي. هن چيو ”هٽي وڃ جلدي.“

مگن چيو ”اڙي انهيءَ ڳوٺ ۾ ته منهنجا ساهرا آهن ”هٽي وڃ جلديءَ“ مان اچي رهيو آهين ڇا؟“

چيڙاڪ هيئنئر پنهنجي آپي ۾ نہ رهيو. سندس لوٽو اڃان ڪوهہ ۾ اڌ ٽاڻ پهتو هو. هن اُهو ٽڪرو ڇڏي مگن جي پٺيان پيو. مگن ٽڪرو پڪو. چيڙاڪ جي هٿ ۾ مارڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. سندس ڪيسي ۾ هڪ ٻٽون پيل هو جنهن ۾ پنجويهہ روپيہ پيا هئا. سندس ٽڪرو هٿ اُن ۾ پيو. غصي ۾ ماڻهو آپي کان ٻاهر نڪري ويندو آهي. ڪيس ڀلي بري جي خبر نٿي رهي. چيڙاڪ اهو ڪيسي مان ٻٽون ڪڍي مگن ڏانهن زور سان اُڇلايو. مگن ڪلي ڏنو ۽ چيائين "ٽون تہ وڏو ڪو نشي باز آهين" ٽنهنجو ان سان ڪهڙو مطلب"

چيڙاڪ کي تمام گهڻي ڪاوڙ لڳي. مگن روپيہ کڻي ڀڄندو ويو. اونهاري جي موسم هئي اُس تمام سخت. چيڙاڪ جو لوٽو بہ کوهہ ۾ هو. کيس تمام گهڻي پياس لڳي هئي پر پاڻي پيئڻ لاءِ ڪو ٿانءُ نہ هوس. باغ ۾ چڱن ۽ مگن بہ پاڻر هئا جنڪان تہ هو گهري نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري اُڃ سبب هو بيهوش ٿي هڪڙي وڻ هيٺ ڪري پيو.

سندس اهڙي حالت ڏسي مگن چڱن کي

چيو ”ڀائي ڪيس ٿورو پاڻي پيار نه ته پياس ۾ ڇڄي مري ويندو.“

ڇگن جواب ڏنو ”کيس پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙڻ ڏي.“

مگن- نه ڀائي! ائين نه. دکيءَ تي ديا ڪرڻ سڀني جو ڌرم آهي.

ڇگن- اهڙن خراب ماڻهن کي جيترو ڏک ڏجي اوترو چڱو.

مگن چيو ”بري ماڻهوءَ تي برائيءَ جو ايترو اثر نٿو پوي جيترو چڱائيءَ جو. ڇيڙاڪ سان غصو نه ڪرڻ گهرجي مگر کيس پيار ڪرڻ گهرجي.“

ايترو چئي ٻئي ڀائر وٽس آيا. مگن ڪلي چيو ”تنهنجو ان سان ڪهڙو مطلب ڀائي! ڇو مات ڪري ويٺو آهين؟“ ڇيڙاڪ ڪجهه به جواب نه ڏنو تڏهن مگن کيس اُٿاريو پاڻي پياريو ۽ ٿوري مصري به پاڻيءَ سان پيڻ لاءِ ڏنائينس. سندس ٻئون کيس جيئن هو ٽيئن ڏناءِ. ڇيڙاڪ پنهنجي هلت کان ٽمام لڄي ٿيو. هن پنج روپيه ڪڍي ڇوڪرن جي پيرن تي ڪڻي رکيا.

# ٻارن جي لئبرري

| | |
|---|---|
| ٻال رامائڻ | ٠-٤-٠ |
| ٻال مهاڀارت | ٠-٤-٠ |
| ٻال شري ڪرشن | ٠-٤-٠ |
| هندو وير ٻالڪ | ٠-٤-٠ |
| اخلاقي سبق ٤ ڀاڱا في | ٠-٦-٠ |
| ڦلواري ٢ ڀاڱا في | ٠-٦-٠ |
| گل گاڏي ٢ ڀاڱا في | ٠-٦-٠ |
| موجي آکاڻيون ڀاڱو ١ | ٠-٦-٠ |
| موجي آکاڻيون ڀاڱو ٢ | ٠-٥-٠ |
| اخلاقي دنيا ڀاڱو ١ | ٠-٦-٠ |
| اخلاقي دنيا ڀاڱو ٢ | ٠-٥-٠ |
| اخلاقي دنيا ڀاڱو ٣ | ٠-٨-٠ |
| موجي بيربل | ٠-٤-٠ |
| عجيب عينڪ | ٠-٧-٠ |
| سوني مڇي | ٠-٦-٠ |
| موجي گيت | ٠-٦-٠ |
| ديوستان | ٠-٦-٠ |
| پرستان | ٠-٦-٠ |
| ٻن شويا | ٠-٥-٠ |
| بادشاهي آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| انصاف جون آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| رستم سهراب | ٠-٧-٠ |
| ٻيڙي پياڪ رڇ | ٠-٥-٠ |
| ٽرڙو ڏيڏر | ٠-٤-٠ |
| قديم بادشاه ڀاڱو ١ | ٠-٨-٠ |
| سونو محل | ٠-٥-٠ |
| گنجو راجا | ٠-٦-٠ |
| پارس | ٠-٥-٠ |
| ٻرڪتي هاٿي | ٠-٥-٠ |
| جنگي ڪوئو | ٠-٥-٠ |
| اُٺ ند ڪتوالي | ٠-٥-٠ |
| جادو نگري | ٠-٤-٠ |
| اڪ سٽيو سيٺ | ٠-٥-٠ |
| پريءَ جو بال | ٠-٥-٠ |
| فوٽوگرافر رڇ | ٠-٥-٠ |
| باندر جي شادي | ٠-٤-٠ |
| منو ميان | ٠-٥-٠ |

گل ڦل آفيس، ڪراچي نمبر ١